SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1978

# SINDH ORDINANCE NO.X OF 1978

# سنڌ موٽر گاڏيون محصول (ترميم) آرڊيننس، 1978

# THE SINDH MOTOR VEHICLES TAXATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي دفعه 4-A جي ترميم

Amendment of section 4-A of West Pakistan Act XXXII of 1958

3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي دفعه 13 جي ترميم

Amendment of section 13 of West Pakistan Act XXXII of 1958

# سنڌ آرڊيننس نمبر X مجريه 1978

# SINDH ORDINANCE NO.X OF 1978

# سنڌ موٽر گاڏيون محصول (ترميم) آرڊيننس، 1978

# THE SINDH MOTOR VEHICLES TAXATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[5 جولاءِ 1978]

سنڌ موٽر گاڏيون محصول ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم جو آرڊيننس

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ موٽر گاڏيون محصول ايڪٽ، 1958 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ موٽر گاڏيون محصول (ترميم) آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ موٽر گاڏيون محصول ايڪٽ، 1858 ۾، جنهن کي بعد ۾ به ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 4-A ۾، آخري ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪاما سان مٽايو ويندو، جنهن بعد هيٺيون شرطيه بيان (Proviso) وڌايو ويندو:

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي دفعه 4-A جي ترميم

Amendment of section 4-A of West Pakistan Act XXXII of 1958

"حڪومت موٽر گاڏين جي ڪنهن درجي يا درجن لاءِ، نوٽيفڪيشن جي ذريعي ٽه ماهي يا ڇهه ماهي قسطن ذريعي ٽيڪس جي ادائگي جي اجازت ڏئي سگهي ٿي، اهڙين تاريخن تي، جيڪي نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل هونديون."

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ XXXII جي دفعه 13 جي ترميم

Amendment of section 13 of West Pakistan Act XXXII of 1958

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 13 ۾:

(a) ذيلي دفعه (1) کانپوءِ، هيٺين ذيلي دفعه شامل ڪئي ويندي:

"(2) جتي ڪا موٽر گاڏي استعمال لائق ناهي رهي، ان سلسلي ۾ مجاز عملدار، ان سلسلي ۾ لکت واري درخواست ذريعي، اهڙي گاڏي جي استعمال ۾ نه هئڻ واري عرصي دوران ٽيڪس جي مد ۾ ڪٽوتي ڪرائي سگهي ٿو.

وضاحت: استعمال ۾ نه هئڻ جو عرصو هلندڙ مالي سال جي ٽه ماهي جي تاريخ کانپوءِ ڄاڻايو ويندو، جنهن دوران گاڏيءَ جي استعمال ۾ نه هئڻ جو عرصو شروع ٿيو آهي.

"(2-A) ذيلي دفعه (2) تحت درخواست سان گڏ اهڙي عملدار جي خاطري لاءِ گاڏي جي رجسٽريشن

پليٽ ۽ اهڙي ٻي دستاويزي ثابتي هوندي، جيڪا رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي اماڻي ويندي:

بشرطيڪ گاڏي جي چوري جي صورت ۾، يا حادثو جنهن سبب رجسٽريشن پليٽ ضايع ٿي وئي هجي، ته درخواست سان گڏ رجسٽريشن ڊاڪومينٽس ۽ پوليس وٽ داخل ڪرايل ايف آءِ آر جي تصديق ٿيل نقل هئڻ گهرجي.".

(b) ذيلي دفعه (3) کي هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(3) جتي ٽيڪس مقرر تاريخ کان اڳ جمع ڪرائي وئي هجي، حڪومت اهڙي صورت ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڇوٽ ڏئي سگهي ٿي، جيڪا جمع ڪرايل ٽيڪس جي 5 سيڪڙو کان وڌيڪ نه هجي.".

**نوٽ:** ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.